SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1993

# SINDH ACT NO.I OF 1993

# سنڌ هيلٿ فائونڊيشن ايڪٽ، 1992

# THE SINDH HEALTH FOUNDATION ACT, 1992

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. فائونڊيشن جو قيام
Establishment of the Foundation

4. فائونڊيشن جا ڪم
Functions of the Foundation

5. فائونڊيشن جي انتظاميہ
Administration of the Foundation

6. بورڊ
Board

7. ڪميٽيون
Committees

8. بورڊ جو ڪاروهنوار
Business of the Board

9. اختيار سونپڻ

Delegation of Powers

10. مئنيجنگ ڊائريڪٽر

Managing Director

11. عملدارن جي مقرري

Appointment of Officers

12. فنڊ

Fund

13. بجيٽ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

Budget, Audit and Accounts

14. سالياني رپورٽ

Annual Report

15. ضمانت

Indemnity

16. قاعدا

Rules

17. ضابطا

Regulations

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1993

# SINDH ACT NO.I OF 1993

# سنڌ هيلٿ فائونڊيشن ايڪٽ، 1992

# THE SINDH HEALTH FOUNDATION ACT, 1992

[16 فيبروري 1993]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ هيلٿ فائونڊيشن قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي خاص طور تي پنٿي پيل ۽ گهٽ سهولتن وارن علائقن ۽ پهراڙي وارن علائقن ۾ صحت جي شعبي کي هٿي وٺرائڻ، ترقي وٺرائڻ ۽ مالي مدد ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ هيلٿ سينٽرجي قيام لاءِ گنجائشون جوڙڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ هيلٿ فائونڊيشن ايڪٽ، 1992 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون

Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "بورڊ" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل بورڊ؛

(b) "بجيٽ" مطلب فائونڊيشن جي ڪمائي ۽ خرچ جو ساليانو سرڪاري اسٽيٽمينٽ؛

(c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(d) "فائونڊيشن" مطلب سنڌ هيلٿ فائونڊيشن؛

(e) "فنڊ" مطلب فائونڊيشن جو فنڊ؛

(f) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(g) "مئنيجنگ ڊائريڪٽر" مطلب فائونڊيشن جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر؛

(h) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(i) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن يا ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(j) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(k) "قاعدا" هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

فائونڊيشن جو قيام
Establishment of the Foundation

3. (1)حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي فائونڊيشن قائم ڪري سگهي ٿي، جنهن کي سنڌ هيلٿ فائونڊيشن سڏيو ويندو.

(2) فائونڊيشن هڪ بادي ڪارپوريٽ هوندي جنهن کي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ٻنهي قسمن جي منقوله ۽ غير منقوله ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) فائونڊيشن جو هيڊڪوارٽر ڪراچيءَ ۾ هوندو.

فائونڊيشن جا ڪم
Functions of the Foundation

4. (1) فائونڊيشن اهڙا سمورا اپاءَ وٺندي جيڪي صوبي خاص طور تي گهٽ ترقي يافته ۽ گهٽ سهولتن وارن ۽ پهراڙي وارن علائقن ۾ صحت جي خدمتن کي هٿي وٺرائڻ، ترقي وٺرائڻ ۽ مالي مدد لاءِ ضروري هجن.

(2)ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل ڪمن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، فائونڊيشن:

(a) صحت جا ادارا ۽ اهڙا لاڳاپيل پروجيڪٽ قائم ڪري سگهي ٿي يا قائم ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي؛

(b) غير ڪاروباري ادارن کي زمين جي خريداري، عمارتن جي تعمير، سامان، فرنيچر جي خريداري ۽ ٻين لاڳاپيل پروجيڪٽس لاءِ گرانٽس ڏيندي؛

(c) صحت جي ادارن کي قرض ڏيڻ ۽ ڊاڪٽرن کي ڪلينڪن، ڊسپينسرين، صحت مرڪزن ۽ اسپتالن کولڻ لاءِ قرض ڏيڻ؛

(d) صحت جي ادارن ۽ ڊاڪٽرن کي شيڊول بئنڪ ۽ مالياتي ادارن کان قرض حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ؛

(e) دلسچي رکندڙ ماڻهن يا ماڻهن جي ٻاڊي جي صحت جي ادارن کي حڪومت، ڊولپمينٽ اٿارٽيز ۽ حڪومت جي هٿ هيٺ هائوسنگ ايجنسيز کان صحت جي خدمتن جي مقصد لاءِ پلاٽ يا زمين ليز تي وٺڻ يا وڪرو ڪرڻ؛

(f) پاپوليشن ويلفيئر پروگرامن لاءِ ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ نجي سيڪٽر جي مدد ڪرڻ؛

(g) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي حڪومت طرفان سونپيا وڃن؛

(h) عام طور تي اهڙا قدم يا شيون جاري رکندو، ڪندو ۽ ادا ڪندو جيڪي مٿي ڄاڻايل پروجيڪٽن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ضروري ۽ فائديمند هجن.

(3) فائونڊيشن حڪومت جي اڳواٽ اجازت سان ۽ آئين موجب، ماڻهن جي صحت جي سڌاري جي مقصد لاءِ پروجيڪٽن لاءِ گهربل قرضن ۽ گرانٽس لاءِ قومي ۽ بين الاقوامي ايجنسين تائين پهچ لڳائيندي.

فائونڊيشن جي انتظاميہ
Administration of the Foundation

5. (1) فائونڊيشن جي عام هدايت ۽ انتظام بورڊ جي هٿ هيٺ هوندا، جيڪو سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ سمورا قدم کڻندو ۽ شيون ڪندو، جيڪي فائونڊيشن طرفان ڪرڻ لائق هجن.

(2) بورڊ هيلٿ سيڪٽر کي هٿي وٺرائڻ، ترقي وٺرائڻ ۽ مالي مدد وارن مضبوط اصولن تي عمل ڪندو ۽ اهڙين هدايتن سان رهنمائي ڪئي ويندي جيئن حڪومت وقت بوقت ڏئي.

(3) جيڪڏهن ڪو سوال اٿي تہ ڪو معاملو پاليسي جو آهي يا نہ تہ حڪومت جو ان سلسلي ۾ فيصلو حتمي هوندو.

بورڊ
Board

6. (1) بورڊ اهڙن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرن تي مشتمل هوندو، جنهن ۾ چيئرمين بہ شامل هوندو، جيڪي حڪومت طرفان مقرر ڪيا وڃن.

(2)ايڪس آفيشو ڪانسواءِ ٻيو ڪو ميمبر، ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندو ۽ اهڙي عرصي لاءِ ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندو، جيڪو هڪ وقت ٽن سالن کان وڌيڪ نہ هجي.

(3) حڪومت هڪ غير سرڪاري ميمبر کي نااهلي يا بي ضابطگي جي بنياد تي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانپوءِ برطرف ڪري سگهي ٿي.

(4)غير سرڪاري ميمبر ڪنهن بہ وقت تي حڪومت کي خط ذريعي پنهنجي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

ڪميٽيون
Committees

7. بورڊ اهڙيون مالياتي، فني ۽ صلاحڪاري ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿو، جيڪي اهو هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي.

بورڊ جو ڪاروهنوار
Business of the

8. (1) بورڊ جون گڏجاڻيون ۽ ڪاروهنوار اهڙيءَ ريت هلايو يوندو ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، ۽

Board

جيستائين اهي معاملا بيان ڪيا وڃن، ايئن جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيو وڃي.

(2) بورڊ جو ڪو قدم يا ڪارروائي بورڊ ۾ ڪنهن آسامي جي بنياد تي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي بنياد تي غور موثر نہ ٿيندا.

اختيار سونپڻ
Delegation of Powers

9. بورڊ عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ اهڙين شرطن موجب جيئن اهو ان کي ڏنل اختيارن موجب مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ڪنهن ميمبر يا فائونڊيشن جي عملدار تي مڙهي، منتقل ڪري.

مئنيجنگ ڊائريڪٽر
Managing Director

10. (1) حڪومت هڪ شخص کي مئنيجنگ ڊائريڪٽر مقرر ڪندي جنهن کي اهڙي قابليت هوندي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيو وڃي.

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي عهدي جو مدو ٽي سال هوندو، جيڪو هڪ وقت وڌيڪ هڪ سال جي عرصي تائين وڌائي سگهجي ٿو پر ڪو بہ شخص پنجن سالن جي عرصي تائين عهدو نہ رکندو.

(3) حڪومت نااهلي ۽ بي ضابطگين جي بنياد تي مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانپوءِ هٽائي سگهي ٿي.

(4) مئنيجنگ ڊائريڪٽر فائونڊيشن جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ اهڙا ڪم ۽ ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن ڪيس بورڊ طرفان سونپيا وڃن.

عملدارن جي مقرري
Appointment of Officers

11. (1) فائونڊيشن اهڙا صلاحڪار، مشير، عملدار ۽ ملازم مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪي اها پنهنجي ڪمن جي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ ضروري سمجهي اهڙيءَ ريت ۽ اهڙين

شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)صلاحڪار، مشير، عملدار ۽ فائونڊيشن جا ملازم اهڙي انتظامي قدم جا اهل هوندا ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

فنڊ
Fund

12. (1) هڪ فنڊ هوندو جنهن کي "فائونڊيشن فنڊ" سڏيو ويندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) وفاقي، صوبائي حڪومت يا مڪاني باڊيز طرفان چندا ۽ گرانٽس؛

(b) فائونڊيشن طرفان ڪيل سيڙپڪارين ذريعي حاصل ڪيل رقم؛

(c) تحفا، عطيات ۽ خيراتون؛

(d) حڪومت طرفان فائونڊيشن وٽ رکيل فنڊس استعمال ڪرڻ؛

(e) ڪنهن ٻئي وسيلي کان حاصل ڪيل رقم.

(2) فنڊ هن فائونڊيشن جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هلايو ۽ استعمال ڪيو ويندو ۽ اهڙيءَ ريت هلايو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) فنڊ حڪومت طرفان مقرر ڪيل شيڊولڊ بئنڪ ۾ رکيو ويندو.

بجيٽ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Budget, Audit and Accounts

13. (1) بجيٽ تيار ڪئي ۽ منظور ڪئي ويندي ۽ ان جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت رکيا ويندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) فائونڊيشن جي اڪائونٽس جي ساليانو اهڙيءَ ريت آڊٽ ڪئي ويندي جيئن آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جي مشاورت سان بيان ڪيو ويو هجي.

| | |
|---|---|
| 14.فائونڊيشن هر سال 15 فيبروري کان دير نہ هجي، ان جي سال جي معاملن جي ڪاروهنوار بابت سالياني رپورٽ حومت کي جمع ڪرائيندي. | سالياني رپورٽ<br>Annual Report |
| 15. هن ايڪٽ تحت سني نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪو بہ ڪيس يا قانوني ڪارروائي حڪومت، فائونڊيشن يا ڪنهن شخص خلاف نہ ٿيندي. | ضمانت<br>Indemnity |
| 16. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا<br>Rules |
| 17. هن ايڪٽ ءِ قاعدن موجب، بورڊ حڪومت جي منظوري سان انهن سمورن معاملن لاءِ جيڪي قاعدن ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن، ضابطا جوڙي سگهي ٿو جنهن لاءِ هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گنجائش ضروري هجي. | ضابطا<br>Regulations |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**